راتيون ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ توهان لاءِ مسخر ڪيائين ۽ ستارا بہ ان جي حڪم سان مسخر آهن
بيشڪ ان ۾ عقلمند قوم لاءِ نشانيون آهن. (القرآن سورة النحل آيت نمبر 12)


A CHOICE OF NEW GENERATION

MONTHLY

# SCIENCEE JAAN

SUKKUR

A Magazine About Health, Environment, Science and Technology

Member of Sindhi Periodicals Society

جلد 1 شمارو 2 آگسٽ 2000ع ملهہ في ڪاپي 8 روپيہ


## جوڙجڪ


| | | |
|---|---|---|
| خبرون خير جون | (ادارو) | 2 |
| ساهوارا | | 2 |
| ساموندي پاڻي | | 4 |
| اينڊو اسڪوپ سرجري | | 5 |
| دنيا جي عظيم شخصيت | | 7 |
| هدايت جا هيرا | | 8 |
| ڪم جي ڳالھ | | 8 |
| ڪمپيوٽر جنھن کي اوهان قابل بڻايو ٿا | | 9 |
| جيتن جي دنيا | | 10 |
| انٽر نيٽ ڪيا ہے | | 13 |
| مفيد طبي مشورے | | 15 |
| ڪاغذ | | 19 |
| آواز جي گدلاڻ | | 20 |
| دم جي بيماري | | 21 |
| تعليمي رپورٽ | | 22 |
| اوهان جو خط پهتو | (ادارو) | 23 |


سائنسي جاڻ


ماهوار

# سائنسي جاڻ

سکر

اتر سنڌ جي مرڪزي شهر سکر مان صحت، ماحوليات،
سائنس ۽ ٽيڪنالاجي بابت معلومات ڏيندڙ پهريون رسالو

**ايڊيٽر:** ڊاڪٽر صبغت الله انڍڙ

**سب ايڊيٽر:** عزيز احمد انڍڙ



**خط و ڪتابت لاءِ**

ايڊيٽر ماهوار "سائنسي جاڻ" سکر
پوسٽ باڪس نمبر 29
جنرل پوسٽ آفيس سکر


سنڌ جي هر شهر لاءِ نمائندا گهرجن


**ڪمپوزڊ باءِ:** آصف علي ماڪا ۽ محي الدين انڍڙ
السعود ڪمپوزنگ سينٽر پٽائي اسٽريٽ ڊڪ روڊ سکر


هن ميگزين ۾ شايع
ڪنهن بہ مضمون سان
اداري جو متفق هجڻ
ضروري نہ آهي

سائنسي جاڻ جي محترم
پڙهندڙن کي پاڪستان جي
آزادي جو ڏينهن مبارڪ


هي رسالو ايڊيٽر ۽ پبلشر ڊاڪٽر صبغت الله انڍڙ پرائما
پرنٽرس مان ڇپرائي دفتر ماهوار "سائنسي جاڻ"
ڪوئنس روڊ سکر مان شايع ڪيو



Dr. Ali Maulana Dharejo

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# خبرون خير جون

سنڌ ۾ ميٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان پورا ٿيا. ميٽرڪ جو ته رزلٽ به اچي ويو آهي. هن دفعه انٽر جا امتحان مڪمل طور تي فوج جي نگراني ۾ ٿيا. چوڻ وارا چون ٿا ته امتحاني سينٽرن ۾ اڪثريت اهڙن اميدوارن جي هئي جن پنهنجون ڪاپيون خالي ئي ممتحن حضرات کي واپس ڪيون. فوج جي ڪڙي نگراني ۽ سخت چڪاس سبب اهڙا اميدوار نقل ۽ ڪاپي نه ڪري سگهيا. جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو جو اهڙا اميدوار فيل ٿيندا. اهڙن شاگردن لاءِ اسان کي همدردي سان گڏ افسوس پڻ آهي ته انهن نه صرف پنهنجو قيمتي وقت ضايع ڪيو پر پنهنجي والدين جي خون ۽ پسيني جي ڪمائي ۽ سندن اميدن ۽ آسرن کي به مٽي ۾ دفن ڪري ڇڏيو. اهڙا اميدوار اڪثر اهي هوندا جن جا والدين مزدوريون ڪري، سرون تغاريون مٿن تي کڻي پنهنجي پيارن ٻچڙن کي پڙهائڻ جا جتن ڪندا آهن ۽ ٻچڙا وري اسڪول ۾ حاضري پرائي شهر جو چڪر ڏئي، وي سي آر يا ڊش واري هوٽل تي چانهه بهاني فلم ڏسي واپس والدين کي رپورٽ ڏيندا ته اڄ فلاڻي يا فلاڻي استاد پيرڊ ئي ڪو نه ورتو يا آيو ئي ڪو نه! اچي سارو ڏوهه استاد تي مڙهيندا.

استاد برابر ڏوهي سهي پر ساڳي اسڪول مان ٻيا شاگرد پاس ڇو ٿا ٿين؟ محنت پاڻ نه ڪن ڏوهه استاد جو.

بهرحال ڏوهه ڪنهن جو به هجي. هاڻي نوجوانن لاءِ چڱائي انهي ۾ آهي ته پاڻ سڄاڳ ٿين. محنت ڪن اهو وقت گذري ويو جو ڪاپي ڪري پوزيشن ڪڍندڙ ميڊيڪل، انجنيئرنگ وغيره ۾ ڪهي ويندا هئا. هاڻي مقابلي جو دور آهي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو دور آهي هر ميدان تي مقابلو سخت کان سخت ٿيندو وڃي ٿو. خدارا هاڻي سڄاڳ ٿيو محنت ڪيو پنهنجي والدين تي رحم ڪيو انهن جي ٽڪي ٽڪي کي سجايو بڻايو پاڻ به محنت ڪري عزت ماڻيو ۽ قومن جي وچ ۾ پنهنجي قوم جو ڳاٽ اوچو رکي مان وڌايو.


السعود ڪمپوزنگ سينٽر
پٺائي اسٽريٽ ڊڪ روڊ سکر
اسان وٽ سنڌي، اردو ۽ انگريزي
ڪمپوزنگ جو ڪم رعايتي ۽ وقت جي
پابندي سان ڪيو ويندو آهي.

## ساهوارا ـــــ قسط 3

**از: مير محمد ايم مهر** رٽائرڊ ڊائريڪٽر زراعت

**4. ٻوٽا** (PLANTE): گهڻو ڪري سيئي وڻ- ٻوٽا زميني آهن تمام ٿورا ٻوٽا پاڻيءَ ۾ يا مٿاڇري تي به ٿين. سڀ پنهنجو کاڌو پاڻ ناهين ڇا لاءِ ته منجهن سائو مادو يا ڪلوروفل (Chlorophyll) موجود آهي. هي ساهوارا اهڙن خلين جا ٺهيل آهن جن کي خلين واريون پٽيون (Cell Wall) آهن ۽ اهي سيليولوز (Cellulose) جون ٺهيل آهن. هنن ۾ ٻج بنا ٻوٽا يعني فرن (Ferns) اگهاڙي ٻج وارا ٻوٽا (Gymnosperms) ۽ ٻج وارا يا گل وارا ٻوٽا (Angiosperms) اچي وڃن ٿا. ان کان علاوه هڪ گروهه گپ چڪ- ڇانو ۽ گهميل جڳهن ۾ به ٿئي ٿو جنهن ۾ لور ورٽس ۽ موسس اچي وڃن ٿا. هنن وڻن ٻوٽن کي هينئن ورهايو ويو آهي.

| گروپ | سڃاڻپ يا نشاني | فردن جو نالو |
|---|---|---|
| I - A | ڪاڌي جي پهچائڻ لاءِ ٽيوب ڪانسواءِ | لوررورٽس ۽ موسس |
| II - A | ڪاڌو ٽيوب وسيلي هاصل ڪرڻ | فرن، اگهاڙي ٻج ۽ ڍڪيل ٻج وارا ٻوٽا |
| (i) | = = = ٻنان ٻج ٻوٽا | فرن ۽ هارسي ٽيل |
| (ii) | = = = ٻج وارا پر اگهاڙا ٻج | چيل، ديال لئو مورپنک |
| (iii) | = = = گلن وارا يا ڍڪيل ٻج | اناج، ميوا، سبزيون تيلي ٻج، وونئڻ ۽ موجوده وڻ ٻوٽا |

(5) **اينيميليا يا جانور** (ANIMALIA): هي ساهوارا گهڻ خلئي وارا آهن. هي کاڌو وات وسيلي کائين جنهن جي هاضمي لاءِ سولي کان پيچيده هاضمي وارا عضوا موجود آهن. ڄمڻ کان بلوغت تائين عضون ۽ شڪل ۾ تبديلي آئين ٿا. گهڻو ڪري نرماد وسيلي پيدائش ڪن ٿا. عام طور تي نر ۽ مادي الڳ فرد ٿين ٿا پر هي عمل ساڳئي جانور ۾ به موجود آهي. هلڻ، چرڻ لاءِ مشڪن ۽ رڳن، تنتن وارو نظام اٿن. ڪي جانور زندگيءَ جو هڪ حصو هڪ ماحول ۾ گذارين ته ٻيو حصو ٻئي ماحول ۾. اهو ماحول هوا، پاڻي، مختلف جانورن جو جسم به ٿي سگهي ٿو. ڪي سبزي خور. ڪي

آڪسيجن ناهڻ ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کي جذب ڪرڻ لاءِ ڪارائتا آهن. انڪانسواءِ جتي وڻ گهڻا ۽ گهاٽا هوندا ان علائقي ۾ مينهن برسات به جام ٿيندو پر اسان انسان ديس جا دشمن، ڌرتي جا دشمن، جهنگلي جيوت جا دشمن، ماحول جا دشمن اهڙي قيمتي سرمايه کي نيست نابود ڪرڻ جي پويان لڳل آهيون. اڄ کان 25، 30 سال اڳ زمين جي جنهن ٽڪري تي خوبصورت ۽ دلڪش وڻ هوندا هئا انهن جو اڄ نالو نشان به نه آهي. ٻيلن جا محافظ خبر نه آهي ته ڪهڙي ويچار ۾ آهن. ٻيلا ونجي تباهه ٿي رهيا آهن.

ٻي طرف وري اسان جي ملڪ جي زراعت جي شهه رڳ سنڌو ندي ۾ صنعت ۽ فيڪٽرن جي پوندڙ زهريلي پاڻي ۽ وڏن شهرن جي گٽرن جي پاڻي وڏو هاڃو رسايو آهي.

درياهي جيوت تباهه ٿي رهيو آهي مڇيون ۽ پاڻي جي ٻي مخلوق ناياب ٿي رهي آهي. فصلن جي اپت حد کان وڌيڪ متاثر ٿي رهي آهي زمين جي پيداواري صلاحيت ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ انهن فيڪٽرين ڪارخانن ۽ صنعتن جي دز دونهين جي ڪري پسگردائي ۾ رهندڙ ڳوٺن جا هزارين ماڻهو ٽي بي، سلهه، ساهه جي نالين جي بند ٿيڻ، مليريا بخار، الٽي ۽ گردن توڙ بخار جهڙين خطرناڪ ۽ موذي بيمارين جو شڪار ٿين ٿا ۽ هجڻ ته ائين گهربو هو ته انهن فيڪٽرين جو زهريلي پاڻي کان بچاءُ جو ڪو خاطر خواهه انتظام ٿئي ها ۽ مٽي دونهين ۽ دزي لاءِ فلٽر پلانٽ لڳل هجن پر شايد هتي جو باوا آدم نرالو آهي جو بنا قانون وارو قانون لاڳو آهي.

اسانجي پياري ملڪ جي ماحوليات جي گدلاڻ جو سڀ کان اهم سبب ۽ ذريعو صنعتي بيڪار ۽ خطرناڪ مادي جو صحيح ڊسپوزل نه هجڻ آهي جنهن جي ڪري انسانن ۾ بيماريون جانورن جو مرڻ زمين جي پيداواري صلاحيتن جو خاتمو. انهن زهريلي مادن جي ڍنڍن تلائن ۽ درياهه ۾ ڪرڻ سان ڪروڙين روپين جي مڇي ۽ ٻئي جيوت جو متاثر ٿيڻ ۽ فضا زهر آلود ٿيڻ شامل آهن. اسان کي گهرجي ته وڻ گهڻي کان گهڻا پوکيون. پوکيل وڻن جي حفاظت ڪيون ته جيئن اسان صاف هوا ۽ پنهنجي لاءِ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ خوشگوار ماحول تيار ڪيون.



# سمنڊ ۽ سامونڊي پاڻي

لطف الله محمدي (استاد مهراڻ ماڊل اسڪول پنو عاقل

سمنڊ (Oceans) اسانجي ڌرتي جو تقريباً 70 سيڪڙو پاڻي تي مشتمل آهي. انهيءَ پاڻيءَ جو 97 سيڪڙو سمنڊن ۾ آهي. سڀ کان وڏو سمنڊ پئسفڪ سمنڊ آهي جيڪو 166,000,000 چورس ڪلو ميٽرن جي ايراضي تي پکڙيل آهي.

**سامونڊي پاڻي** (Sea Water): سامونڊي پاڻي تازي پاڻي کان مختلف ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪيترائي ڪيميائي جزا ڳريل ٿين ٿا. سامونڊي پاڻي ۾ سڀ کان جهجهي مقدار ۾ ملڻ وارا عنصر سوڊيم ۽ ڪلورين آهن جيڪي گهڻو ڪري عام لوڻ (Sodium Chloride) جي صورت ۾ ٿين ٿا. تنهنڪري سامونڊي پاڻي نمڪين ٿيندو آهي. سامونڊي پاڻي ۾ سوڊيم ۽ ڪلورائيڊ سان گڏ ڪجهه ٻيا عنصر مئگنيشم، سلفر، ڪيلشم ۽ پوٽاشم تمام گهٽي مقدار ۾ موجود ٿين ٿا.

سامونڊي پاڻي ۾ آڪسيجن ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو مقدار جاندار (ٻوٽن ۽ جانورن) جي تعداد مطابق گهٽ يا وڌيڪ ٿيندو رهي ٿو.

سامونڊي پاڻي ۾ گرمي جو درجو گهرائي جي حساب سان مختلف ٿئي ٿو. گرم علائقن ۾ مٿين سطح تي سمنڊ جو گرمي جو درجو 30 سينٽي گريڊ تائين ٿئي ٿو. سطح کان هيٺ وڃڻ سان پاڻي جو گرمي جو درجو گهٽندو وڃي ٿو. 547 ميٽرن جي گهرائي تي پاڻي جو گرمي جو درجو تمام گهٽ ٿي وڃي ٿو. سمنڊ جي 75% پاڻي جو گرمي جو درجو 5 سينٽي گريڊ ٿئي ٿو.

سامونڊي پاڻي ۾ روشني ڪجهه سؤ فٽن تائين پهچي ٿي ۽ نيري رنگ جي روشني وڌيڪ گهرائي تائين وڃي ٿي ۽ منتشر ٿي وڃي ٿي. ان ڪري سامونڊي پاڻي نيري رنگ جو نظر اچي ٿو.

سمنڊ ۾ آواز جي رسائي روشني کان وڌيڪ گهرائي تائين ٿئي ٿي. ڪجهه سامونڊي جانورن جو رابطو آواز جي ذريعي ٿئي ٿو. ويلز مڇيون هزارين ميلن تائين آواز جي لهرن سان رابطي ۾ رهن ٿيون. 503 کان 1524 ميٽرن جي گهرائي تائين آواز جي لهرن کان رڪارڊ ڪري سگهجي ٿو.

# اينڊو اسڪوپڪ سرجري

ڊاڪٽر عبدالمنعم خان
(سربراهہ شعبہ يورالاجي ملت ٽرسٽ اسپتال صادق آباد)
ترجمو: شعيب احمد انڙ

سائنس جي ميدان ۾ ترقي سان گڏوگڏ طب جي علم ۾ بہ ڏينهون ڏينهن ترقي ٿي رهي آهي. جيتوڻيڪ ان ترقي جي رفتار مختلف ملڪن ۾ مختلف آهي ۽ ان جو پروسو گهڻي حد تائين مالي وسيلن تي آهي. مثلاً طب جي علم ۾ سرجري (چير ڦاڙ) جو ئي ذڪر ڪيون تہ اڄ کان سو سال پهريون ڪير سوچي ٿي نہ سگهندو تہ اهو علم ان تيز رفتاري سان وڌي ويندو. جو تہ ان وقت اپنڊيڪس (چن) جو سور ئي مارينڊڙ ثابت هوندو هو ۽ جڏهن تہ اڄ انساني عضون جي تبديلي بہ هڪ عام ڳالهہ آهي.

موجوده دور ۾ انسان جي ڪوشش آهي تہ آپريشن جا اهڙا طريقا دريافت ڪيا وڃن. جن سان مريض کي تڪليف گهٽ کان گهٽ ۽ فائدو وڌيڪ پهچي. وقت جي اهميت جو احساس بہ وڌي چڪو آهي. جنهن جي ڪري ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ مريض جلدي ٺيڪ ٿئي ۽ روز مره جا ڪم جلد شروع ڪري. اهڙن طريقن جي لاءِ "گهٽ تڪليف ڏيندڙ آپريشن "Minimal Invasive Surgery" جي اصلاح رائج ڪئي وئي. ترقي يافتہ ملڪن ۾ اهو طريقو هر عضوي جي آپريشن جي لاءِ نہ صرف رائج ٿي چڪا اهن بلڪہ وقت سان گڏ نمايان بهتري بہ پيدا ٿي رهي آهي.

جيتوڻيڪ ٽين دنيا ايجادات جي ڊوڙ ۾ تمام پٺي آهي ليڪن اهو ضروري نہ آهي تہ اسان وٽ بہ ترقي يافتہ ملڪن جهڙا حالات پيدا ٿين تہ تڏهن اسان جديد آپريشن ڪريون ۽ محدود وسائل هوندي بہ گهٽ تڪليف ڏيندڙ چير ڦاڙ جو استعمال ڪري سگهجي ٿو. صرف ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ملڪي آبادي کي انهن طريقن سان روشناس ڪرايو وڃي ۽ ان جي متعلق معلومات فراهم ڪئي وڃي. جو تہ صورت حال اها آهي تہ نہ صرف هڪ عام ماڻهو پر ڊاڪٽر حضرات بہ انهن طريقن کان اڪثر لاعلم آهن. جيتوڻيڪ يورالاجي ۾ گردي کان وٺي مثاني جي غدود ۽ پيشاب جي نالي تائين گهٽ وڌ تمام آپريشنز گهٽ تڪليف ڏيندڙ چير ڦاڙ سان ٿي ٿي سگهي ٿي. هيٺ يورالاجي خاص طور تي گردي جي اينڊواسڪوپڪ سرجري Percutaneous Surgery آپريشن ۽ ان جي متعلق چند اهم ڳالهين جو مختصراً ذڪر ڪيل آهي جيئن عام ماڻهو جي نظر ۾ بہ انهن طريقن جو فائدو ڏيڻ واضح هجي.

## گردي جي پٿري

گردي جي پٿري جي باري ۾ عام طور اهو چيو ويندو آهي تہ اها جيڪڏهن هڪ دفعي ٿئي تہ انجي ٻيهر ٿيڻ جو امڪان وڌيڪ هوندو آهي. پر جديد تحقيق جي مطابق جيڪڏهن حفاظتي تدبيرون استعمال ڪيون وڃن تہ انجي شرح کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو. ٻوءِ عام طور تي پوري نظام ۾ پٿري ٺهڻ جي بنياد گردي ۾ ٿي پوندي آهي. جيڪا مثاني تائين ڪنهن بہ جڳهہ ۾ وڌي ويندي آهي. اها ڇٽي جي داڻي کان ٽينس جي بال جيتري ٿيندي آهي. نوڪيلي يا پوري گردي ۾ سمايل پٿري تائين اينڊو اسڪوپڪ سرجري ذريعي ڪڍي وئي آهي. ان کان علاوه اينڊو اسڪوپڪ سرجري ۾ جيئن تہ چير ڦاڙ جو عمل نہ ٿيندو آهي تنهنڪري وڌن پٿرن ڪڍڻ لاءِ هڪ کان وڌيڪ دفعہ سرجري ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن مريض هڪ جڳهہ تي سمهي ٿڪي پوي تہ ٻئي ڏينهن تائين پٿري ڪڍڻ جو عمل ڇڏي سگهجي ٿو ۽ هاڻي پاڪستان ۾ بہ تمام وڏيون پٿريون هڪ کان ٽن دفعن ۾ ڪڍيون وينديون آهن.

واضح رهي تہ صرف پٿرين جي ڪري گردي فيل ٿيڻ جي شرح پاڪستان ۾ وڌيڪ آهي. هڪ موجوده رپورٽ جي مطابق ننڍن ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ان جي شرح وڌي رهي آهي. ان جي بنيادي وجهہ هڪ طرف غربت، جهالت، لاعلمي ۽ بيماري کان اک ٻوٽڻ آهي تہ ٻي طرف جعلي ڊاڪٽر ۽ نيم حڪيم بہ ان بيماري جي وڌڻ جا ذميوار آهن.

## گردي جي نالين جي تنگي

پاڪستان ۾ قدرتي طور تي گردي جي نالي جي تنگي جو علاج وڏي آپريشن سان ئي ڪيو ويندو هو. جڏهن تہ پهريون دفعو وڏي آپريشن کان پوءِ نالين جي تنگي جو پيو آپريشن گهڻو ڪري موت مار بہ ثابت ٿيندو آهي. يا پوءِ پورو گردو ئي ڪڍڻو پوندو آهي. گردي جي خانن جي تنگي، گردي ۽ ان جي نالي (Ureter) جي ملڻ جي جڳهہ جي

تنگي يا نالي جي پنهنجي تنگي جي صورت ۾ (توڙي قدرتي هجي يا وڏي آپريشن کان پوءِ هجي) آپريشن بہ مشين جي ذريعي آساني سان ٿي سگهي ٿو.

## مثاني جو غدود

عام طور تي پوڙهن ماڻهن ۾ مثاني جو غدود وڏو ٿي ويندو آهي. ان جو مشين جي ذريعي ڪڍڻ جو طريقہ علاج پاڪستان جي هر شهر ۾ موجود آهي. هي بہ لازمي آهي تہ غدود ڪڍڻ کان پوءِ مريض جو ليبارٽري معائنو ضروري ڪرايو وڃي.

## سرجري ڪيئن ڪئي ويندي آهي؟

جنهن تڪليف جو علاج جسم جي قدرتي رستي سان ٿي سگهندو آهي ان جي لاءِ جلد جي سوراخ جي ضرورت ئي نہ پوندي آهي. مثلاً پيشاب جي رستي جي تنگي، مثاني جا غدود، مثاني ۽ گردي جي نالي Ureter جي هيٺين حصي جي پٿري پر گردي ۽ نالي جي مٿين واري حصي جي آپريشن کل جي ڏيڍ انچ سوراخ جي ذريعي ڪئي ويندي آهي. جڏهن تہ وڏي آپريشن ۾ اهو تمام ڪم 15 انچن جي چير جي ذريعي ڪئي ويندي آهي. اينڊو اسڪوپي ۾ کل جي سوراخ کان پوءِ هڪ سنهي سوئي جي مدد سان گردي تائين اندروني نسن کي سن ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ اندروني نسن کي ڪٽڻ کان سواءِ باريڪ نالين جي مدد سان پري هٽائي ڪري رستي کي ايترو کوليو ويندو آهي جو اينڊو اسڪوپ ENDO SCOPE اندر داخل ٿي سگهي. اينڊو اسڪوپ جي ذريعي اندروني معائنو ڪيو ويندو آهي. جنهن سان هر قسم جي اندروني بيماري واضح نظر ايندي آهي. جيڪڏهن پٿري هجي ۽ سائز ۾ وڏي هجي تہ ان کي خاص الٽراسائونڊ شعاعن جي ذرعي ٽڪرا ٽڪرا ڪري انهيءَ مشين جي ذريعي ڪڍيو ويندو آهي. ان ساري عمل جي دوران گردي جو اندروني منظر واضح طور تي ٽي وي مانيٽر تي نظر ايندو رهندو آهي. پوءِ تڪليف دور ڪرڻ لاءِ هڪ نرم ٽيوب گردي ۾ رکيو ويندو آهي. جنهن کي اندروني غلاظتن جي صاف ٿيڻ کان پوءِ گردي مان ڪڍيو ويندو آهي.

## گهٽ تڪليف ڏيندڙ جراحي جا فائدا

سڀ کان پهريان اهو تہ گهٽ ماڻهن کي بي هوش نہ ڪيو ويندو آهي پر سارو عمل فقط سن ڪري ڪيو ويندو آهي جنهن سان مريض بغير سبب جي چير ڦاڙ کان بچي ويندو آهي پوءِ جيئن تہ صرف هڪ سينٽي ميٽر جي سوراخ جي ذريعي ڪم ڪيو ويندو آهي تنهن ڪري اهو علاج جو طريقو ٻارن، عورتن ۽ وڏن ماڻهن لاءِ تمام گهڻو فائديمند آهي.

## گردي جي پنهنجي جڳهہ کان هٽڻ

هيءَ بيماري عام طور تي ٿلهن ماڻهن ۾ ٿيندي آهي. انکي Mobile Kidney بہ چوندا آهن. پوري دنيا ۾ ان جو علاج وڏي آپريشن جي ذريعي ڪيو ويندو هو پر هاڻي ان جو علاج اينڊو اسڪوپي جي ذريعي دريافت ٿي چڪو آهي.

**گردي جو غدود:** ان جي شرح پاڪستان ۾ گهٽ آهي. پر ان جو علاج بہ مشين ذريعي سان ممڪن آهي اينڊو اسڪوپي جي ذريعي غدود جي اخراج کان پوءِ ان جو معائنو ڪرائڻ ضروري آهي. جيئن اها بيماري خطرناڪ رخ اختيار نہ ڪري.

**نالي جي پٿري:** گردي جي نالي جي پٿري ڪڍڻ جي لاءِ اينڊو اسڪوپي ۾ ٽي طريقا زياده رائج آهن. مثلاً جيڪڏهن پٿري نالي ۽ مٿي واري حصي ۾ هجي تہ گردي جي ذريعي مشين گذاري ڪري پٿري ڪڍي سگهجي ٿي. هيٺين حصي ۾ هجي تہ قدرتي رستي کان گردي جي نالي جي مشين گذاري ڪري ان کي ڪڍي سگهجي ٿو. جيڪڏهن پٿري ڪجهہ اهڙي طرح اٽڪيل آهي جو انهن ٻنهي طريقن سان نہ ٿي نڪري سگهي تہ پٿري جي مٿين نالي کي پنڪچر ڪري بہ ان سان ڪڍي سگهجي ٿو. واضح رهي تہ ٽئين طريقي ۾ مهارت جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

**مثاني جي پٿري:** وڏن ماڻهن ۾ مثاني جي پٿري الٽرا سائونڊ شعاعن جي مدد سان ٽوڙي ڪري قدرتي رستي سان ئي ڪڍي سگهجي ٿي. ٻارن جا عضوا نازڪ هوندا آهن تنهنڪري مثاني جي مٿان هڪ سينٽي ميٽر جو سوراخ ڪري اينڊو اسڪوپ جي مدد سان پٿري کي ٽوڙي ڪري ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. واضح رهي تہ ٻارن جي مثاني ۾ پٿري غربت جي بيماري بہ چورائيندي آهي. جو تہ ترقي يافتہ ملڪن ۾ انجي موجودگي نہ آهي.

ڪمزور مريض (مثلاً بلڊ پريشر ۽ شوگر جو مريض) يا اهي افراد جن جو پهريون آپريشن ٿي چڪو هجي انهن جي لاءِ بہ يقيناً اينڊو اسڪوپڪ سرجري گهڻو فائدو آهي. جو تہ ان سان مريض تمام جلد ٺيڪ ٿي ويندو آهي.

گردي جي پٿري جي اخراج جوهڪ طريقو شعاعن جي مدد سان ESWL THEROPY ان کي ٽوڙڻ بہ آهي. ان ۾ ٽٽڻ کانپوءِ پٿري قدرتي رستي سان نڪرندي آهي. پر جديد تحقيق سان ثابت ٿيو آهي تہ اهو علاج جو طريقو هر طرح جي پٿري لاءِ ممڪن نہ آهي. اينڊو اسڪوپي نہ صرف

## هدايت جا هيرا

عبدالوحيد ذاريجو (پنو عاقل)

● **عن ابي امامة ان رجلا سال رسول الله ﷺ ما الايمان؟ قال اذا سرتتک حسنتک وساء تک سيئتک فانت مومن. (رواه احمد)**

ترجمو: حضرت ابو امامه کان روايت آهي تہ هڪ شخص رسول الله ﷺ کان پڇيو، ايمان ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: جڏهن توهان کي پنهنجي سٺي عمل کان مسرت ٿي، ۽ بري ڪم کان رنج وقلق ٿئي، تہ تون مؤمن آهين.

● **عن العباس بن عبدالمطلب انه سمع رسول الله ﷺ يقول ذاق طعم الايمان من رضي بالله ربا وباالاسلام دينا و بمحمد رسول. (رواه مسلم)**

ترجمو: حضرت عباس بن عبدالمطلب رضہ کان روايت آهي تہ مان رسول الله ﷺ کان ٻڌو، پاڻ فرمايائون تہ: ايمان جو مزو ان چکيو ۽ ان جي لذت ان کي ملي، جو الله کي پنهنجو رب، اسلام کي پنهنجو دين ۽ محمد ﷺ کي پنهنجو رسول ۽ هادي مڃڻ تي دل سان راضي ٿي ويو.

پورو خدا جي قبضي ۾. دولت مند وري اهڙو جو خزانن جا خزانا اٿن تي لٽجي ان جي دارالحکومت ۾ اچي رهيا. هجن وري محتاج اهڙو جو مهينن جا مهينا جي گهر ۾ چلهو نہ ٻرندو هجي ۽ ڪيترائي وقت ان تي فاقي جا گذرندا هجن ۽ سپہ سالار اهڙو جو مٺ جيترا هٿين خالي صحابہ رضہ ساڻ ڪري هزارين مسلح فوجن سان ڪامياب لڙائي لڙيو هجي ۽ صلح پسند وري اهڙو جو هزارين پرجوش جان نثارن جي موجود هجن جي باوجود صلح جي ڪاغذن تي ٻي ڏڙڪ صحيح ڪري ڇڏيندو هجي. شجاع ۽ بهادر اهڙو جوهزارن جي مقابلي ۾ اڪيلو ٿي اڪيلو بيٺو هجي بي تعلق وري اهڙو جو پنهنجي خدا کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ ياد نہ هجي ۽ پنهنجي ذاتي دشمن جي حق ۾ دعا گهرندڙ پر خدا جي دشمن کي هن ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيو. دين جي دشمن سان جنگيون وڙهيا پاڻ سڳورن تقريباً 27 جنگين جي سپہ سالاري ڪيائون هجرت جي ڏهين سال پاڻ سڳورن ﷺ آخري حج ڪيو پاڻ سڳورن ١۴ يا ١٣ ڏينهن بخار ۾ رهيا. ٢٧ مئي ٦٣٢ع تي تقريباً ٽيهٺ سالن جي عمر ۾ پنهنجو عظيم الشان ڪم مڪمل ڪري پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ حاضر ٿيا. هي ان عظيم الشان شخصيت جا حالات آهن جنهن جي زندگي جو هڪ هڪ لمحو مسلمانن لاءِ هدايت آهي ۽ ان مان سبق حاصل ڪري مسلمانن اڄ دنيا ۾ وڏيون وڏيون حڪومتون قائم ڪيو آهن. علم جي خدمت ڪيائون تهذيب ۽ تمدن جي جهنڊن کي ڦڙڪايو ۽ سموري دنيا جي قومن لاءِ برڪت ۽ رحمت ثابت ٿيا.

# ڪم جي ڳالهہ

ڊاڪٽر صبغت الله انڙ

عام طرح ڏٺو ويو آهي تہ وڏن توڙي ننڍن شهرن ۾ ٽريفڪ جو مسئلو ايترو تہ پيچيده ٿي ويو آهي جو ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽريفڪ جام ٿي پئي ٿي. منهنجي خيال ۾ انجو گهڻو سبب ڊرائيور حضرات جو اڻپڙهيو ۽ ٽريفڪ جي قاعدن قانونن کان وانجهيل آهي. وڏن شهرن ۾ تہ ڊرائيونگ لائسنس رکندڙ ڊرائيور هوندا آهن. پر ننڍن شهرن ۾ گهڻو ڪري اهڙا ڊرائيور هوندا آهن. جنکي لائسنس بہ نہ هوندو آهي. ١٢ سالن جي عمر ۾ ڪاريون سوزوڪيون پيا هلائيندا. ڪڏهن ڪنهن وچ روڊ تي گاڏي بيهاري پيا ڪچهري ڪندا تہ وري ڪڏهن غلط پاسي ۾ پارڪ ڪيو ٽريفڪ جام ڪيو وتن. انهن کان وڌيڪ خراب حشر ٽانگن ۽ گڏهہ گاڏن وارا ڪندا آهن. جو گڏهہ گاڏي وارو ٽانگي کي ڪراس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو وچ روڊ تي پيو هلندو جڏهن تہ ان جي پاسي واري رستو چو نہ خالي پيل هجي. اڄ ڪلهہ تہ وري اها وبا بہ عام ٿي پئي آهي جو منڍي گهوڙي سان اسي سالن جو ڪراڙو ٽانگي وارو روڊ سيڙاهيون بيٺو هوندو يا ١٠ سالن جو ٻار گهوڙي کي پيو ٽڪ ٽڪ ڪندو خبر نہ آهي تہ قانون ڪهڙي ملڪ گهمڻ ويو آهي. مونکي ياد آهي تہ ٽانگن ۽ گڏهہ گاڏن جي هر سال باقاعده چيڪنگ ٿيندي هئي. ان لاءِ فٽنيس سرٽيفڪيٽ هوندو هيو پيو تہ نهيو رات جي وقت لاءِ انهن جي ترين ۾ لالٽين هئڻ لازمي هوندي هئي. گهوڙي گڏهہ وارن جي پنهنجي چيڪ اپ هوندي هئي تہ ٽانگي يا گڏهہ گاڏي هلائڻ جي لائق بہ آهي يا نہ. جانورن جي جدا چيڪ اپ ٿيندي هئي ڪمزور ۽ بيمار جانور هلائڻ تي ڏنڊ وڏو ويندو هيو.

سرڪار سڳوري جو متعلقہ عملو جيڪڏهن ان ڏس ۾ ڪرڙي نگاهہ رکي ۽ ڊرائيورن ٽانگي وارن ۽ گڏهہ گاڏن وارن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽريفڪ اصولن تي پابند بنائي ۽ گهٽ عمر يا حد کان وڌيل عمر وارن ڊرائيورن تي ڪنٽرول ڪري تہ ممڪن آهي عوام گهٽي آزار کان بچي وڃي.

هيءَ هڪ حيرت انگيز "Device" آهي جنهن جي ذريعي ڪنهن بہ شيءِ کي ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي آڻي سگهجي ٿو. هن جو مثال "فوٽو اسٽيٽ" مشين وانگر آهي جنهن جي "Mirror" تي رکيل هر تصوير کي نقل ڪري سگهجي ٿو. بلڪل ساڳي طرح "Scanner" جي مٿين سطح واري "Mirror" تي رکيل ڪنهن بہ تصوير کي ڪمپيوٽر اسڪرين ڏانهن منتقل ڪري سگهجي ٿو. اسين اخبارن. رسالن ۽ ڪتابن وغيره ۾ اصلي تصويرون ڏسندا آهيون. حقيقت ۾ اهي تصويرون ڪمپيوٽر جي ذريعي تي ڇاپيون وينديون آهن جن کي اڳ ۾ Scanner جي ذريعي Scan ڪرايو ويندو آهي. اسڪينر انسان جي اک وانگر ڪم ڪندو آهي. ان وٽان گذرندڙ هر شيءِ کي هو Catch ڪري ان کي ڊجيٽل ڪمپيوٽر پراسيسنگ ۾ ترجمو ڪري ٿو.

(4) **لائيٽ پين** Light pen: هيءَ هڪ پين نما "Device" آهي جنهن کي ڪمپيوٽر اسڪرين جي مٿان گهمايو ويندو آهي. هن پين جي ذريعي اسڪرين تي ڪا بہ "selection" ڪري سگهجي ٿي. هن پين مان ڪنهن بہ قسم جي لائيٽ ڪو نہ نڪرندي آهي پر اها "Photostate delector" جي ذريعي روشني ڏانهن عمل ڪندي ڪمپيوٽر ڏانهن سگنل موڪليندي آهي. لائيٽ پين کي "signature" وغيره ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

(5) **جواءِ اسٽڪ** Joy Stick: هيءَ بہ هڪ "Pointing device" آهي جنهن جو ڪم بہ ڪرسر cursor کي ڪنٽرول ڪرڻ آهي. انهيءَ ڪنٽرول کي سنڀالڻ لاءِ هن ۾ ليور "Lever" لڳل هوندو آهي تنهن کي ڦيرڻ سان ڪرسر پوزيشن کي بدلائي سگهي ٿو. وڊيو گيم کيڏندڙ device کان چڱيءَ طرح واقف هوندا.


**نيو انصاف بڪ اسٽور**

اسان وٽ قرآن مجيد، حديثون
ديني ڪتب، معلوماتي ڪتب ۽ هر قسم جا ناول، ادبي ڪتب ۽ عمران سيريز دستياب آهن.

نوٽ: وي پي بہ موڪلي سگهجي ٿي. جوابي لفافو لازمي موڪليندا

رابطي لاءِ **نيو انصاف بڪ اسٽور**
ڪينٽ روڊ پنو عاقل ضلع سکر


# جيتن جي دنيا (قسط 3)

از: مير محمد ابر مهر - رٽائرڊ ڊائريڪٽر زراعت

عام طرح هر ننڍڙي ڪيڙي يا ڪينئين کي جيت سڏيو ويندو آهي. ائين نہ آهي پر جيت جي سڃاڻپ جون بہ ڪي خاص وصفون آهن. هر اهو ڪيڙو جنهن کي ڪامل يا بالغ ٿيڻ بعد ڍڍر واري حصي ۾ ڇهہ ٽنگون هجن ان کي جيت (Insect or Hexapode) چئبو آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ رواجي جيت جي بدن تي نظر وجهبي تہ سندس بدن ٽن حصن ۾ ورهايل نظر ايندو. (١) مٿو (٢) ڍڍر (٣) پيٽ. مٿو ڇهن حصن جو ٺهيل آهي جيڪي پاڻ ۾ مليل هوندا آهن. ڍڍر وري ٽن حصو جو ۽ پيٽ عام طرح ٻارهن حصن جو هوندو آهي پر ڪوليمبولا (Collembola) نالي جيتن ۾ پيٽ ڇهن حصن جو ۽ پروٽيورا (Protura) جيتن ۾ وري ٻارهن هصن جو ٿيندو آهي.

(1) **مٿو** (Head): مٿي ۾ هڪ جوڙو گهڻ اکين جو- هڪ جوڙو ڇهٽوارا سڱ ۽ وات وارا عضوا هوندا آهن. مٿو ڍڍر کان ڳچيءَ ذريعي جدا ٿيل هوندو آهي جيڪو چڱيءَ طرح ڦري گهري سگهندو آهي.

(2) **ڍڍر** (Thorax): ڍڍر جي هر حصي ۾ هڪ جوڙو ٽنگن جو ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪل تي جوڙا ٽنگن جا ٿين ٿا. جيڪي ڍڍر جي پاسن ۾ لڳل هوندا آهن. پرن وارن جيتن ۾ ڍڍر جي پوين ٻن حصن ۾ وري هڪ هڪ جوڙو پرن جو هوندو آهي ۽ ڍڍر ئي جيت جي حرڪت وارو ڪمائتو حصو آهي.

.3 **پيٽ** (Abdomen): پيٽ جي پهرين حصي تي پاسن کان ڪنن جا بہ سوراخ هوندا آهن. پئي حصي کان ستين حصي تائين هر حصي جي بناوت ساڳي آهي ۽ انين کان ٻارهين حصي تائين نر يا مادي وارا عضوا موجود ٿين ٿا. بالغ ٿيڻ کان پوءِ پيٽ واري حصي ۾ ٽنگون ڪو نہ ٿين.

ڪن ٿورن جيتن کانسواءِ جيڪي ٻچا ڄڻيندا آهن باقي عام طور بيا سڀ جيت آنا لاهين ٿا. آنن مان ڦٽندڙ ٻنهنجي نسل جي بالغ جيتن کان شڪل ۽ عادتن ۾ هڪجهڙائي ۽ مختلف بہ ٿين ٿا ۽ بالغ ٿيڻ تائين واڌ ۽ ظاهري بناوت جي مختلف مرحلن مان نڪرن ٿا. اها واڌ ۽ شڪلي بناوت جي مختلف ڦير گهير. جيڪا آني مان نڪرڻ کان آخري مڪمل

جيت بنجڻ تائين واقع ٿئي ٿي ان کي "واڌ وارو ڦيرو" (Metamorphism) چئبو آهي. اها واڌ مختلف جيتن لاءِ مختلف پر ساڳي نسل جي جيتن لاءِ ساڳي ٿئي ٿي. بنيادي طرح جيتن ۾ هن واڌ واري ڦير گهير جا ٽي قسم ڏٺا ويا آهن.

(1) **معمولي ڦير گهير:** آني مان ڦٽڻ بعد ٻچو شڪل ۽ عادتن ۾ پنهنجي والدين جو هوبهو نقل هوندو آهي رڳو سندس قد ننڍو هوندو آهي ۽ نابالغ هوندو آهي. اهڙي واڌ ٻتين تي لڳل ڪاغذن هيٺان رهندڙ ننڍڙن سفيد جيتن ۾ نظر ايندي جن کي چاندي مڇيون (Silver Fishes) سڏيو ويندو آهي.

جيتن جا مکيه هي قسم آهن.

| نمبر | گروپ جو نالو | سڃاتل قسم | گروپ ۾ شامل عام جيت |
|---|---|---|---|
| ١ | Thysanura | --- | سلور فشن (چاندي مڇي) |
| ٢ | Ephemeroptera | --- | مئي مکيون (هوا ۾ شادي رچائيندڙ |
| ٣ | Anoplura | 2400 | جوئون |
| ۴ | Coleoptera | 500000 | ٽنبڻ - سونڊير ٽنبڻ |
| ۵ | Dermaptera | 1000 | ايئر وگس (Ear Wigs) |
| ٦ | Diptera | 80000 | گهرو مکيون، مڇر، ڏن مکيون |
| ٧ | Hemiptera | 55000 | منگهڻ مهلو |
| ٨ | Hymenoptera | 90000 | ماکي مکيون، ڏينبو، ڪولما ڪوڙي |
| ٩ | Isoptera | 2000 | اڏوهي |
| ١٠ | Lepidoptera | 140000 | پوپٽ، پتنگ |
| ١١ | Odonata | 5000 | ٻنيوريون |
| ١٢ | Orthoptera | 30000 | مکڙ، تڏيون، ڪاڪروچ |
| ١٣ | Siphonoptera | 1200 | ڪارڙا (Fleas) |
| ١۴ | Trichoptera | 7000 | ڪڊس مکيون (Caddis) |
| ١۵ | Neuroptera | 1000 | گگهو، سونهري جهالر وارن پرن وارا (Green Lace wings) |

(2) **سڌي ڦير گهير:** آني مان ڦٽڻ بعد ٻچو (NYMPH) شڪل ۽ عادتن ۾ پنهنجي والدين سان مشابهت رکي ٿو پر ان کي پر ڪو نه ٿين البت پرن جا نشان نظير ايندا آهن جيڪي آهستہ آهستہ کلون لاهڻ ذريعي وڌندا رهندا تانجو مکمل جيت ٿيڻ وقت پر وڏي مکمل ٿيندا آهن. پرن جي مکمل ٿيڻ وقت هو بلوغت کي پهچي ويندا آهن سواءِ مئي مکين (May Flies) جي جيڪي پرن مکمل ٿيڻ کان هڪ اسٽيج اڳ يعني (Sub Imago) ئي بالغ ٿي ويندو آهي. عادتن جي هڪجهڙائيءَ سبب سپ بالغ ۽ ٻچا ساڳي جڳهہ تي نظر ايندا ۽ ساڳيو کاڌو استعمال ڪندا آهن. مثلاً مکڙ تڏيون وغيره.

3. **اڻسڌي ڦير گهير:** آني مان ڦٽڻ بعد ٻچا (Larvae) شڪل ۽ عادتن ۾ پنهنجي والدين کان بلڪل مختلف ٿين ٿا. اهي ٻچا هڪ مقرر مدت تائين وڌندا رهندا آهن جنهن بعد سوبٽ (Pupae) ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. ظاهر ۾ سوبٽ جي شڪل هڪ غير متحرڪ ۽ آرام واري ٿئي ٿي پر اندروني طرح اهو عرصو لاروا مان والدين واري شڪل ۾ تبديل ڪرڻ ۽ انهن جون عادتون- خاصيتون ظاهر ڪرڻ وارو عرصو هوندو آهي. ٻچي ۽ بالغ جي ڪاڏي جي تفاوت هئڻ ڪري ٻئي مختلف هنڌن تي نظر ايندا. جيئن مڇر هوا ۾ تہ ٻچا پاڻيءَ ۾ ملندا. هن قسم جي واڌ مکين، مڇرن، پوپٽن، ٽنڊڻن، ڏينبن وغيره ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

## گونگن جي ٽيليفون

**محمد مرتضيٰ خان لغاري (ٺٽو)**

سائنس جي هڪ نئين ايجاد جيڪا مختلف هنڌن کان خاص ڪري گونگن ماڻهن جو اشارن جي زبان سان پاڻ ۾ رابطو قائم ڪرڻ لاءِ هڪ نظام دريافت ٿيو آهي. جنهن کي برٽش ٽيلي ڪام Birtish Telecom وارن وڊيو ٽيلي فون Vidio Telephone جو نالو ڏنو آهي. هي نظام ٽي وي اسڪرين ۽ هڪ وڊيو ڪيمرا تي مشتمل آهي. برٽش ٽيلي ڪام جي مائيڪ وائبر Mike Wieber جي چوڻ مطابق تہ سيني کان وڏي ڪاميابي اها ٿي آهي تہ اسان ٽيلي وزن Television جي متحرڪ تصوير کي ٽيليفون جي واحد لائين جي ذريعي موڪلڻ جي قابل ٿي ويا آهيون. ٽيلي وزن جي تصوير ۾ هزار دفعا وڌيڪ معلومات هوندي آهي. جنهن کي آساني سان ٽيليفون جي واحد لائين سان فٽ نٿو ڪري سگهجي. تنهنڪري وڊيو ٽيلي فون جي تصوير عام ٽيليويزن جي تصوير جهڙي واضع نہ آهي.

برٽس ٽيلي ڪام اداري جي ڪوشش آهي تہ وڊيو ٽيليفون کي آخري شڪل ڏيئي سستو بڻائي ماڻهن جي گهرن تائين پهچايو وڃي.

جي ڪناري تي وڏي پٽ ڪنيل هئي. جنهن ۾ ٻہ وڏا دروازا (ڪارو در ۽ منو در) پيل هئا. ڪوٽ جي اندر هڪ بازار مشهور هئي جنهن کي "ڪاغذي بازار" سڏجي ٿو. جيڪا اڃا تائين ساڳئي نالي سان نمايان آهي. هن تاريخي بازار جي نالي مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هتي ڪاغذ جو وڏو واپار ٿيندو هو.

انگريزن جي آمد تائين، ڪنڊيارو ۽ لاڙڪاڻو ڪاغذ جي صنعت ۾ اڳرا هئا. اڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري سنڌ ۾ چار پيا ڪارخانا بہ لڳايا ويا. جنهن ڪري ڪنهن حد تائين ديسي ڪاغذ دستياب ٿيندو رهيو. ويهين صديءَ جي اوائل ۾ هن صنعت کي سرڪاري سهڪار ملڻ سان خاصي پذيرائي ملي. مقامي ڪاغذ کي فروغ ڏيڻ لاءِ، حيدرآباد جي هندو، ڪنول سنگ آڏواڻي، ڪاغذ جو واپار دهلي، ڪراچي، ڪلڪتو ۽ لاهور تائين وڌائي ڇڏيو.

ورهاڱي ڪانپوءِ ڪاغذ جي صنعت اڃا بہ تيزيءَ سان ترقي ڪئي. هن وقت بهتر کان بهتر ڪاغذ پاڪستان ۾ بہ تيار ٿي رهيو آهي، ۽ اپتري مقدار ۾ موجود آهي، جو هزارين ڪتاب روزانو ڇپجڻ ڪانپوءِ بہ اضافي مقدار ۾ ڪاغذ موجود آهي. قوي اميد آهي، تہ مستقبل قريب ۾ اڃا بہ هيءَ صنعت تيزيءَ سان ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندي رهندي.

# آواز جي گدلاڻ (گوڙ)

انيلا علي سومرو

آواز زندگيءَ جي علامت آهي. تازو ڄاول ٻار پنهنجي روئڻ جي ڪري نارمل سمجهيو وڃي ٿو. هو پنهنجي روئڻ سان پنهنجي هجڻ جو اعلان ڪري ٿو. پرجديد دور جي انسان، ٻين شين سان گڏ، آواز جهڙي روماني شي کي هڪ مسئلو بڻائي ڇڏيو آهي.

آواز توانائيءَ جو هڪ قسم آهي. جيڪو هوا، پاڻيءَ ۽ نهرن جسمن وسيلي لهرن جي شڪل ۾ پکڙجي ٿو. ۽ ڪنهن سخت شي جي لرزش جي ڪري وجود ۾ اچي ٿو. آواز هوا کان خالي وٿيءَ (vacume) مان لنگهي نٿو سگهي.

اذان جي آواز کان وٺندي جهرڪيءَ جي چون چون، ڳائڻ، ڳالهائڻ، پاڻيءَ جي وهڪري، گاڏيءَ جي پريشر هارن، جانورن جي آواز، ۽ سڪل پنن جي سرسر تائين، انيڪ آواز روزانو اسان جي سماعت تائين پهچن ٿا.

اهي آواز جيڪي ڪنن کي چڀن، دماغ کي اٿوٿنڊڙ لڳن ۽ ان کي ٿڪائي ڇڏين. تن کي "گوڙ" چئبو آهي.

اوهين جيڪڏهن هلڪو ڦلڪو ميوزڪ، هلڪي آواز ۾ ٻڌندا تہ اوهان کي فرحت ۽ تازگيءَ جو احساس ٿيندو، پر جيڪڏهن اوهين ڪنهن فنڪشن ۾ ڪنهن پاپ سنگر کي ايڪوساؤنڊ تي ٻڌندا تہ پوءِ اوهان کي پڪ سان مٿي جي سور جي گوري کائڻي پوندي.

آواز جي توانائيءَ (intensity of sound) کي ڊيسيبل (dB) ۾ ماپيو ويندو آهي.

عام طرح ماڻهو 20 کان 100 ڊيسيبل وارو آواز ٻڌي ۽ برداشت ڪري سگهندو آهي. 85 ڊيسيبل واريءَ حد وارو آواز 50 ڪلوواٽ تي هلندڙ موٽر جي برابر آهي. سائنٽ واري ماحول ۾ سئي ڪرڻ جو آواز 10 dB آهي. باغن، سمهڻ وارن ڪمرن ۽ لئبريرين ۾ 20 dB کان 40 dB آواز پيدا ٿئي ٿو. 50 dB کان 90 dB وارن آوازن کي گوڙ چئبو. پر اهي آواز جن جي 20 dB frequency هجي، اهي گوڙ نہ آهن.

## گوڙ جي گدلاڻ جا ڪارڻ

جديد دور ۾ ملن ۽ فئڪٽرين جي مشين جا گرڙاٽ ۽ چمنين ۾ ٻاڦ جا شوڪاٽ گوڙ پيدا ڪن ٿا.

صنعتي علائقن کان پري، عام روزمره جي زندگيءَ ۾ موٽرن ۽ رڪشائن جا آواز، بسن ۽ ٽرڪن جي پريشر هارنن جا آواز، ريل گاڏين جي هلڻ جا آواز، هوائي جهازن جي لهڻ ۽ اڏامڻ جا آواز، وغيره، گوڙ پيدا ڪن ٿا. جيٽ جهاز کان عام مسافر بردار جهاز جو آواز 150 dB کان 120 dB ٿيندو آهي.

انڪانسواءِ، گهرن ۾ ٽي وي ۽ ٽيپ رڪارڊر وڏي آواز ۾ هلائڻ، جنريٽرن، پاڻيءَ جي مشينن وغيره بہ آواز جي گدلاڻ ۾ واڌارو آندو آهي.

## گوڙ جا اثر

### (۱) ٻڌڻ جي صلاحيت تي اثر

گوڙ انسان جي ٻڌڻ جي صلاحيت تي اثر انداز ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو 90 ڊي بي گوڙ ۾ 30 سال ڪم ڪندو تہ نيٺ ٻوڙ ٿي ويندو.

### (۲) ذهن تي اثر

مسلسل گوڙ ۾ رهڻ جي ڪري ماڻهو ذهني دٻاءَ ۽

مونجهارن جو شڪار ٿيو وڃي. گوڙ بلڊ پريشر تي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ اڪثر هاءِ بلڊ پريشر جي تڪليف ٿيو پيو. چڙ، ڪاوڙ ۽ ٻيون اهڙيون نفسياتي تڪليفون ٿيو پون.

**(۳) عام جسماني صحت تي اثر**

گوڙ جي گدلاڻ جي ڪري ماڻهوءَ کي صحيح نموني سان آرام نٿو ملي، جنهنڪري جسم ۾ خشڪيءَ سبب شريانون سوڙهيون ٿيو وڃن ۽ دل ۽ دماغ ڏانهن ويندڙ رت جي مقدار اڻپورو پهچي ٿو.

گوڙ جي گدلاڻ هاضمي تي اثر انداز ٿئي ٿي ۽ سيني جو ساڙو پڻ پيدا ٿئي ٿو.

## گوڙ جي گدلاڻ تي روڪ

گوڙ جي گدلاڻ کي روڪڻ لاءِ نه فقط اجتماعي پر انفرادي سطح تي اپاءَ وٺڻ جي به ضرورت آهي. هيٺ بيان ڪيل طريقن سان گوڙ جي گدلاڻ تي روڪ وجهي سگهجي ٿي.

(الف) اسڪولن ۽ اسپتالن کي ”خاموش علائقو“ silence zone قرار ڏيئي، انهن جي ڀرپاسي ۾ گاڏين جي هارن ۽ هوٽلن تي رڪارڊنگ سميت، هر قسم جي گوڙ پيدا ڪندڙ شين تي پابندي وجهجي.

(ب) عام ماڻهو پنهنجين گاڏين جون مشينون صحيح رکن ۽ وقت بوقت انهن جي مرمت ڪرائين ته جيئن انجڻين جو گوڙ نه ٿئي. هر قسم جون گاڏيون، سخت ضرورت بنا، هارن وڄائڻ کان پاسو ڪن.

(ٻ) ڪارخانن ۾ گوڙ ڪندڙ مشينن کي لرزش جذب ڪندڙ (vibration absorbing) بنيادن تي بيهاريو وڃي ۽ مشينن کي اهڙين عمارتن ۾ رکيو وڃي، جن جي ڀتين ۽ ڇتين ۾ آواز جذب ڪندڙ مادا استعمال ٿيل هجن.

(پ) ملن ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ عملي کي آواز گهٽائيندڙ اوزار ايئرمف (earmuff) يا ايئر پلگ (ear plug) ڏنا وڃن.

(ڀ) رستن جي ڪنارن کان ۽ صنعتي علائقن (Industrial zones) جي چوڦير، گهڻي کان گهڻا وڻ پوکيا وڃن. وڻن ۾ آواز کي جذب ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي.

(ت) ان ڪانسواءِ، عام ماڻهو گهر ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي گهٽ آواز ۾ هلائين، ۽ گهر ۾ هلندڙ موٽرون، جهڙوڪ پاڻيءَ جو موٽر، واشنگ مشين وغيره مرمت ڪرائيندا رهن ته جيئن گهٽ کان گهٽ گوڙ پيدا ٿئي.

ماهوار ”حياتيءَ“ جي ٿورن سان.

# دمو (دم جي بيماري)

ترجمو: شعيب احمد انڙ

(دم جي بيماري جي باري ۾ ذهن ۾ اڀرندڙ ڪجهه سوال ۽ انهن جا جواب)

اڄ ڪلهه دنياجي گهڻن ملڪن ۾ دمو هڪ عام مرض آهي. جيڪو مسلسل وڌي رهيو آهي. خاص طور تي نوجوان انهيءَ ۾ مبتلا ٿين ٿا جيڪي ان جي حملن جي شدت ۽ گهٽائي جو شڪار ٿيندا آهن. هن بيماري جي باري ۾ هتي اهي سوال ۽ انهن جا جواب پيش ڪيا وڃن ٿا جيڪي عام طور ذهن ۾ اڀري سگهن ٿا.

سوال: دمي جا سبب ڪهڙا آهن؟

جواب: دمي جي عام حالت ۾ ساهه جي نالين ۾ سوزش ٿي ويندي آهي ۽ اهي سڄي وينديون آهن. هن بيماري جي نشانين ۾ کنگهه، خرخر سان ساهه کڻڻ، سيني جي جڪڙجڻ ۽ ساهه ٻرجي وڃڻ شامل آهن. هي مرض رات جو ڏاڍي تڪليف ڏيندو آهي هن جي اصل سببن کي ته ڪو به نه ڄاڻندو آهي پر ڪجهه ضروري شيون جيڪي هن جي وڌڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون انهن مان سگريٽ نوشي، ٻين جي سگريٽ جو ڇڏيل دونهون، جانورن جا وار، مٽي جا ذرات، واري، لال بيگ، نزلي جا وائرس، ڪي کاڌي پيتي جون شيون سخت موسم وغيره شامل آهن.

سوال: جيڪڏهن ڪنهن جو پيءُ دمي جي بيماري جو مريض آهي ته ڇا ان جي اولاد کي به دمو ٿي سگهي ٿو؟

جواب: اهو ضروري نه آهي پر اهو مرض خاندان ۾ هلندڙ آهي ۽ ان مان ڇوڪرين جي مقابلي ۾ ڇوڪرا وڌيڪ متاثر ٿيندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي ننڍي هوندي دمو ٿي وڃي ته وڏي هوندي ان جي 50% شفاياب ٿيڻ جا امڪان هوندا آهن.

سوال: جيڪڏهن ڪنهن کي دمو ٿي وڃي ته ڇا هو ايترا ڏينهن جيئرو رهي سگهي ٿو جو پنهنجي پٽن، پوٽن کي ڏسي سگهي؟

جواب: دمي جي مريضن لاءِ ڊگهي عمر ۽ خوشگوار زندگي جا ايترائي امڪان آهن جيترا ٻين صحتمند ماڻهن جي لاءِ پر ان جي لاءِ ضروري آهي ته دمي جو علاج مناسب طريقي

# MALARIA

**Mahmood Asad Mirani**

Malaria was supposed to be a disease caused by the bad air from the marshy places, later on it was proved that Malaria is caused by a protozan paracite plasmodium and it transmitted mosquito of the genus Anopheles.

It became clear when laver an in 1878 discovered the protozan paracite in the red blood cells of malarial patients. The parasite was named as plasmodium. Later on in 1897, Ronald Ross discovered plasmodium in stomach of Anopheles mosquito. In 1898, an other biologist Grassis discovered the life cycle of plasmodium in Anopheles mosquito.

Malaria was one of the man's most important biological problems. Many people have died only because of this disease. It has played havoc with human health and economy. To solve this problem various biological methods were applied to find out its details. Experiments were performed, observations and data were collected, blood of malarial patients and healthy persons were examined, under the microscope. Confents from the stomach and salivary glands of number of mosquitoes were examined and finally complete life cycle of the malarial paracite was studied. Thus an accurate concept was given that "Plasmodium is the cause of malaria" It is therefore, now understand that accurate methods are essential to understand biological problems.

Transmission of malarial paracite from one person to another is also an important factor in the life cycle of malarial parasite. An Italian biologist in 1717 observed that malarial parasite was tranmitted by mosquitoes. King, an American physician in 1883 also suggested that mosquitoes are the vectors of malaria. A hypothesis was given by King that "mosquitoes are the vectors of malaria".

## اوهان جو خط پهتو

جناب ايڊيٽر ماهوار "سائنسي چاڻ"

السلام عليڪم

اميد ته خوش و خرم هوندا

مان توهان جو ڇاپيل رسالو "سائنسي چاڻ" وٺي پڙهيو مونکي تمام سٺو لڳو ۽ پوءِ توهان ڏانهن خط لکڻ شروع ڪيم ۽ ڪجهه مواد به موڪلي رهيو آهيان. اميد ته توهان اسان جو موڪليل مواد پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪندا ته مهرباني ٿيندي.

لکندڙ: افضل آزاد سمائر (تعلقو پنو عاقل)

---

جناب ايڊيٽر ماهوار سائنسي چاڻ سکر

السلام عليڪم

سائين اسان کي گهڻي خوش ٿي آهي جو اوهان سکر شهر مان صحت ماحوليات، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي بابت هڪ رسالو شايع ڪري رهيا آهيو.

ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته اوهان پني عاقل جا آهيو. ان ڪري اوهان کي پني عاقل جي حوالي سان هڪ اهم مسئلو لکي رهيو آهيان. اوهان مهرباني ڪري ان جي باري ۾ مضمون لکي اسان کي تڪليف کان ڇڏائيندا. اهو مسئلو آهي پني عاقل ۾ هڏن جو ڪارخانو جنهن مان ايتري ته بدبوءِ نڪرندي آهي ۽ دونهون اڏامندو آهي جو اسان جو جيئڻ جنجال هوندو آهي. ڪيترائي ماڻهو ان جي دزي ۽ دونهين سبب ٽي بي ۽ ٻين بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. پنو عاقل اوهان جو پنهنجو شهر آهي مهرباني ڪري اهو مسئلو حل ڪرائيندا.

لکندڙ: غلام نبي چاچڙ محمدي محلو پنو عاقل

## خوشخبري

ماهوار "سائنسي چاڻ" جي پڙهندڙ لاءِ هي خبر نهايت خوشي جو سبب ٿيندي ته ڊي اي فونز جو جناب غلام مجتبيٰ ڪلوڙ صاحبؒ "سائنسي چاڻ" لاءِ انٽرنيٽ ۽ ان جي استعمال جي طريقه ۽ ان مان فائدن متعلق مفيد معلوماتي سلسلي شروع ڪرڻ جو اظهار ڪيو آهي. جيڪو انشاء الله سيپٽمبر جي شماري ڪان قسطوار شايع ڪيو ويندو.

ادارو جناب ڪلوڙ صاحب جن جي گوناگون مصروفيتن باوجود هن خالص تعليمي ڪم ۾ سهڪار ڪرڻ تي سندن ٿورائتو آهي.

(ادارو)

# 14

# آگسٽ

## پاڪستان لاءِ

## هڪ يادگار ڏينهن

اچو ته سچي دل سان عهد ڪريون ته هن صدي جي

گهرجن ڪي پورو ڪرڻ لاءِ تعليم تي توجه ڏيون،

سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ مهارت حاصل ڪريون ۽

ترقي يافته ملڪن سان مقابلي ۾ اچون.

پاران

**النور بوڪ ڊيپو** نزد مهراڻ ماڊل اسڪول پنو عاقل